۴. سير ڪوهستان ڪتاب جو مصنف محمد اسماعيل عرساڻي هو.

۵. مصري شاهه وائين جو شاعر هو.

(ت) هيٺ ڏنل جملن ۾ ڇڏيل خال ڀريو۔

۱. الله بخش عقيلي ء جو تخلص ...... هو.

۲. اُبوجهو تخلص، ...... جو هو.

۳. ميون شاه عنات رضوي ...... دور جو شاعر هو.

۴. سامي ء جو نالو...... ۽ سندس ذات ...... هئي.

۵. سنڌي سڀاجهڙا ڪتاب ...... لکيو هو.

(ج) هيٺين جملن ۾ خالي جايون ڀريو:

۱. اوڙاهه ڪتاب ...... صنف جي باري ۾ لکيل آهي.

۲. سچل سرمست ...... سن ۾ ڄائو هو.

۳. مخدوم معين ٺٽوي ء جو اصل نالو ...... هو.

۴. نیچے سے کٹا ہوا ہے۔